# سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريہ 1977

# SINDH ACT NO.II OF 1977

# سنڌ جي وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1977

# THE SINDH MINISTERS (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ACT, 1977

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of Sindh Act VIII of 1975

3. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII جي دفعہ 7 جي ترميم

Amendment of section 7 of Sindh Act VIII of 1975

# سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريہ 1977

# SINDH ACT NO.II OF 1977

# سنڌ جي وزيرن جون (پگھارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1977

# THE SINDH MINISTERS (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ACT, 1977

[26 مئي، 1977]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ جي وزيرن جون (پگھارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ جي وزيرن جون (پگھارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪي هن ريت جوڙي نافذ ڪيو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. هن ايڪٽ کي سنڌ وزيرن جون (پگھارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1977 سڏيو ويندو.

(2)هيءُ فوري طور لاڳو ٿيندو.

| | |
|---|---|
| 2. سنڌ جي وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ دفعہ 2 ۾ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو. | 1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII جي دفعہ 2 جي ترميم Amendment of section 2 of Sindh Act VIII of 1975 1975 |
| i. شق (d) کي هيٺ ڄاڻايل سان تبديل ڪيو ويندو:- "(g) "سارسنڀال" مان مراد مقامي اگهن ۽ ٽيڪسن جي ادائيگي ۽ بجلي، گئس ۽ پاڻي جا چارجز؛" | |
| ii. شق (g) جي لاءِ، هيٺ ڄاڻايل کي تبديل ڪيو ويندو:- "(g) "سرڪاري رهائشگاهہ" مان مراد آهي حڪومت جي ملڪيت رهائش يا حڪومت پاران گهربل گهر، وڏي وزير يا وزير جي استعمال جي لاءِ، جيئن معاملو هجي ۽ ان ۾ ٻاهرجي گهرن ۽ ٻيون عمارتون ۽ باغ شامل آهن." | |
| 3. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 7 کي هيٺ ڄاڻايل سان تبديل ڪيو ويندو:- | جي سنڌ ايڪٽ VIII جي دفعہ 7 جي ترميم Amendment of section 7 of Sindh Act VIII of 1975 |
| رهائشگاهہ | |
| "7. (1) وڏو وزير يا وزير کي، جيئن معاملو هجي، کي سرڪاري رهائش فراهم ڪئي ويندي ۽ جيستائين اهڙي فراهم نٿي ڪئي وڃي، ان کي ڪرائيي جي رهائش تي ٿيندڙ اصل خرچ ادا ڪيو ويندو، وڌ کان وڌ ٽي هزار في مهينو." | |
| (2) جتي وڏو وزير يا وزير، جيئن معاملو هجي، پنهنجي گهر ۾ر هائش اختيار ڪرڻ جي چونڊ ڪري ٿو ان کي اهڙو ڪرايو ادا ڪري سگهجي ٿو جيڪو ٽي هزار في ماهوار کان | |

وڏيڪ نہ هوندو، جيئن حڪومت يا ان جي ذريعي اختيار ڪيل ڪنهن آفيسر پاران اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

(3) فرنشنگ تي ايندڙ خرچ حڪومت برداشت ڪندي.

(a) سرڪاري رهائش جي صورت ۾ ٽيهہ هزار رپين تائين؛ ۽

(b) ان صورت ۾ ويهہ هزار رپين تائين وڏي وزير يا وزير، جيئن معاملو هجي، پنهنجي گهر يا ڪرايئي جي گهر ۾ رهندو هجي. بشرطيڪ فرنشنگ ۾ پردا ۽ قالين شامل نہ هجن.

(4) وڏو وزير ۽ وزير جي رهائشگاهہ جيئن معاملو هجي، ذيلي دفعہ (3) ۾ ڄاڻايل فرنشنگ کان علاوه، 18000 برٽش ٿرمل يونٽس کان وڏيڪ جي گنجائش جي ٻن ايئر ڪنڊيشنرز فراهم ڪيا ويندا ۽ هڪ ريفريجريٽر جنهن جي گنجائش 10.5 ڪيوبڪ فٽ کان وڏيڪ نہ هجي.

(5) وڏي وزير يا وزير جي قبضي ۾ جڳهہ جي سارسنڀال، جيئن معاملو هجي، حڪومت جي ذميواري هوندي.

(6) وڏو وزير يا وزير، جيئن معاملو هجي، پنهنجي عهدن تي فائز ٿيڻ کانپوءِ پندرنهن ڏينهن تائين سرڪاري رهائشگاهہ رکڻ جو حقدار هوندو.“

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**